SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2001

سنڌ يونيورسٽي ۽ بورڊس جي امتحانن مان (بدعنوانيون ختم ڪرڻ) جو آرڊيننس، 2000

THE SINDH UNIVERSITY AND BOARDS EXAMINATION (ERADICATION OF MALPRACTICE) ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. بدعنواني جي سزا
Punishment for malpractice

4. ڏوهن جي شڪايت
Complaint of offences

5. اڻ شايع ٿيل رڪارڊ مراعت يافتہ دستاويز هوندا
Un_published record to be privileged documents

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2001

سنڌ يونيورسٽي ۽ بورڊس جي امتحانن مان (بدعنوانيون ختم ڪرڻ) جو آرڊيننس، 2000

THE SINDH UNIVERSITY AND BOARDS EXAMINATION (ERADICATION OF MALPRACTICE) ORDINANCE, 2000

[3 جنوري 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي ۾ يونيورسٽي يا بورڊ طرفان ڪرايل امتحانن ۾ ٿيندڙ بدعنوانين کي ختم ڪيو ويندو.

جيئن تہ صوبي ۾ يونيورسٽي يا بورڊ طرفان ڪرايل امتحانن ۾ ٿيندڙ بدعنوانين کي ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽي ۽ بورڊس جي امتحانن مان (بدعنوانيون ختم ڪرڻ) جو آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هن جي سڄي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اڪسائڊ" کي اها ساڳي معنيٰ حاصل هوندي جيڪا ان کي پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 (1860 جي ايڪٽ XIV) ۾ ڏنل آهي؛

(b) "جوابي ڪاپي" مطلب دستاويز جنهن ۾ جواب شامل هجن يا جواب جيئن اميدوار طرفان امتحان دوران سوالن جي پرچي ۾ شامل سوال يا سوالن جا جواب ڏنا هجن، ڇاڻايل امتحان لاءِ ۽ جنهن ۾ شامل آهي جوابي ڪاپي جو هڪ حصو.

(c) "بورڊ" مطلب ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ ۽ جنهن ۾ شامل آهي قانون موجب قائم ڪيل فني تعليمي بورڊ.

(d) "اميدوار" مطلب اهو ماڻهو جنهن ڪنهن امتحان ۾ داخلا لاءِ درخواست ڏني هجي يا ڪنهن امتحان ۾ ويٺو هجي.

(e) "مرڪز" مطلب هنڌ جيڪو يونيورسٽي يا بورڊ طرفان امتحان منعقد ڪرڻ لاءِ ڇاڻايو ويو هجي يا جوابي ڪاپي جمع ڪرڻ لاءِ ڇاڻايو ويو هجي، جيئن به معاملو هجي؛

(f) "ملازم" مطلب ڪو شخص جيڪو يونيورسٽي يا بورڊ ۾ مستقل بنياد تي يا عارضي طور يا ڪانٽريڪٽ بنيادن تي

مفت ۾ يا معاوضي عيوض ملازمت ڪندو هجي؛

(g) "امتحان" مطلب هڪ طريقو جيڪو يونيورسٽي يا بورڊ طرفان هڪ اميدوار کي سرٽيفڪيٽ، ڊپلوما يا ڊگريون ڏيڻ لاءِ، جيئن معاملو هجي، امتحان جي مقصد لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

(h) "ممتحن" مطلب هڪ شخص جيڪو يونيورسٽي يا بورڊ طرفان امتحان وٺڻ جي مقصد لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي يا اميدوار کي جوابي ڪاپي ڏيڻ لاءِ يا پنهنجي صلاحيت ذريعي لکت يا زباني امتحان وٺڻ لاءِ ۽ ان سلسلي ۾ مارڪون ڏيڻ ۽ ان ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو اهڙي ممتحن جي مارڪون ڏيڻ جو معيار چڪاس ڪري.

(i) "وقت کان اڳ هڪ سوال يا سوال نامي جو ظاهر ٿيڻ" مطلب هڪ سوال يا سوال نامي ۾ شامل سوالن منجهان ڪو به سوال وقت کان اڳ، جنهن وقت تي سوال يا سوال نامو اميدوار کي ملڻو هيو، ڄاڻايل طريقيڪار موجب ان کان اڳ پڌرو ٿي وڃي.

(j) "سوال نامو" مطلب هڪ دستاويز جنهن ۾ سوال هجن يا امتحان ۾ اميدوار طرفان جواب ڏيڻ لاءِ سوال شامل ڪيا وڃڻا هجن؛

(k) "نظرداري ڪندڙ عملو" مطلب عملو جيڪو امتحان منعقد ڪرڻ جي سلسلي ۾ يونيورسٽي يا بورڊ طرفان مقرر ڪيو وڃي، جيئن معاملو هجي؛

(l) "يونيورسٽي" مطلب قانون موجب قائم ڪيل يونيورسٽي.

بدعنواني جي سزا

3. جيڪو ڏوهي آهي:

Punishment for malpractice

(i) وقت کان اڳ سوال يا سوال نامي جو پڌرو ٿيڻ يا ان سلسلي ۾ لاڳاپيل ڪا خاص معلومات تہ اهڙو سوال يا سوال نامو لکت يا زباني امتحان ۾ پيش ٿيڻو آهي؛

(ii) داخلا جي فارم ۾ غلط بياني ڪرڻ يا امتحان سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي دستاويز ۾ غلط بياني ڪرڻ؛

(iii) سوال نامي جي ڪنهن حصي کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ يا مدد حاصل ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي اميدوار کي پنهنجي جوابي ڪاپي مان نقل ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ يا پاڻ ايئن ڪرڻ؛

(iv) اميدوار کي طئي ٿيل وقت کانپوءِ سوال يا سوال نامو حل ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ؛

(v) سڄي جوابي ڪاپي يا ان جو ڪو حصو ڪنهن امتحاني مرڪز کان غير قانوني طور ٻاهر ڪڍي وڃڻ؛

(vi) جوابي ڪاپي يا ان جو ڪو حصو تبديل ڪرڻ؛

(vii) بدنيتي جي مقصد سان اميدوار کي لهڻين مارڪن کان وڌيڪ يا گهٽ مارڪون ڏيڻ، جيئن ايئن ڪندڙ شخص ممتحن هجي؛

(viii) بدنيتي جي مقصد سان ڪنهن دستاويز ۾ ممتحن طرفان ڏنل مارڪن کي وڌائڻ يا گهٽائڻ، جيڪڏهن ايئن ڪندڙ شخص ممتحن کانسواءِ ڪو ٻيو هجي؛

(ix) اميدوار کي امتحان دوران سوال نامي ۾ موجود ڪنهن سوال جو جواب مهيا ڪرڻ يا امتحان ۾ رکڻ لاءِ طئي ڪيل سوال جو جواب فراهم ڪرڻ؛

(x) ڪنهن سرٽيفڪيٽ يا ٽيبوليشن، رجسٽر يا ٻئي ڪنهن دستاويز يا يونيورسٽي يا بورڊ طرفان سنڀاليل رڪارڊ

مان ڪجهه ڪاٽي ڇڏڻ، تبديل ڪرڻ، ڦير گهير ڪرڻ يا ڊاهڻ يا اهڙو سرٽيفڪيٽ، دستاويز يا رڪارڊ ڇاڻي واڻي تہ اهو اهڙيءَ ريت ڪاٽيو، تبديل ڪيو، مٽايو يا ڊاهيو ويو آهي، تنهن هوندي بہ اهو اهڙو سرٽيفڪيٽ يا دستاويز استعمال ڪري؛

(xi) امتحاني ڪاغذن، جوابي ڪاپي، ممتحن، امتحان منعقد ڪرڻ، فرضي رول نمبر، امتحاني نتيجن يا ڪا لاڳاپيل معلومات شايع ڪرڻ يا فراهم ڪرڻ؛

(xii) ڪنهن سبب جي ڪري سرڪاري امتحاني نتيجن جي غلط ٿيڻ تي بشمول جوابي ڪاپين جي تبديلي، ڊاهڻ، مٽائڻ يا يونيورسٽي يا بورڊ طرفان سنڀاليل رڪارڊ کي غلط ڪرڻ؛

(xiii) امتحانن جي ترقيءَ يا امتحاني مرڪز ۾ امتحاني ڪاپين ورهائڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي رنڊڪ وجهڻ؛

(xiv) ڪنهن امتحاني مرڪز جي انچارج ڪنهن شخص تي حملو ڪرڻ يا ڌمڪيون ڏيڻ يا امتحان جي سلسلي ۾ ملازمت تي رکيل ڪنهن ٻئي شخص، امتحان سان لاڳاپيل ۽ امتحان جي سلسلي ۾ ڪو فائدو وٺڻ؛

(xv) ڪنهن امتحان، امتحاني نتيجو پڌرو ڪرڻ يا پيپرز جي مارڪن ڏيڻ، يا امتحانن سان لاڳاپيل ڪا ڳجهي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ملازم کي ڪرپٽ طريقي يا بي ايماني ڪرڻ لاءِ پهچ لڳائڻ يا اثرانداز ٿيڻ؛

(xvi) بيان ڪيل طريقيڪار جي ابتڙ امتحانن لاءِ سپروائيزري اسٽاف جي مقرري ڪرڻ يا مقرري وٺڻ؛

(xvii) اصل امتحان جي اميدوار جي جڳهه تي امتحان ۾

ويهڻ؛

(xviii) ڪنهن لڪل مقصد لاءِ يونيورسٽي يا بورڊ طرفان الاٽ ڪيل مرڪز ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي مرڪز تي امتحان وٺڻ؛

(xix) مٿي ڄاڻايل قدمن مان ڪو بہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا اڪسائڻ تي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو هڪ سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ، بشرطيڪ جتي ڏوهہ ڪندڙ اميدوار آهي تہ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا هڪ سال کان وڌيڪ نہ هوندي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو يا ٻئي گڏ.

ڏوهن جي شڪايت Complaint of offences

4. هن آرڊيننس تحت ڪو بہ ڏوهہ پوليس جي دائره اختيار ۾ هوندو، جيڪڏهن يونيورسٽي جي رجسٽرار طرفان ڏوهہ سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ رپورٽ ڪئي وڃي يا اهڙي ڪنهن ٻئي يونيورسٽي جي عملدار طرفان جيڪو ان سلسلي ۾ لکت ۾ خاص طور بااختيار بڻايو وڃي ۽ ڪنهن ڏوهہ سان لاڳاليل معاملي جي سلسلي ۾ يا بورڊ جي سلسلي ۾، بورڊ جي چيئرمين طرفان يا اهڙي ٻئي بورڊ جي عملدار طرفان جيڪو ان سلسلي ۾ خاص طور تي ان طرفان لکت ۾ بااختيار بڻايو ويو هجي ۽ لاڳاپيل ڏوهہ جي سلسلي ۾ يا بورڊ جي سلسلي ۾، بورڊ جي چيئرمين طرفان يا اهڙي ٻئي ڪنهن بورڊ جي عملدار طرفان جيڪو ان سلسلي ۾ خاص طور تي لکت ۾ اهڙي ضمانت لائق ڏوهہ جي سلسلي ۾ بااختيار بڻايو ويو هجي.

اڻ شايع ٿيل رڪارڊ

5. ڪو بہ ملازم يونيورسٽي يا بورڊ جي اڻ ڇپيل رڪارڊس

سان لاڳاپيل ڪنهن حقيقت جي باري ۾ ڪا به گواهي نه ڏيندو يا اهڙي يونيورسٽي يا بورڊ سان لاڳاپيل معاملن وارو ڪو دستاويز پيش نه ڪندو، سواءِ يونيورسٽي جي رڪارڊس جي سلسلي ۾ وائيس چانسيلر يا رجسٽرار يا چيئرمين جي اڳواٽ لکت ۾ منظوري جي، جيئن معاملو هجي، پنهنجي صوابديد موجب اجازت ڏئي سگهي ٿو يا روڪي سگهي ٿو.	مراعت يافته دستاويز هوندا Un_published record to be privileged documents

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي